حضرت مخدوم محمد ظهير الدين صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه[341]

(1280-1345هہ/1863-1827ع)

صاحبِ شريعت، عاشقِ رسول صلي الله عليه وآله وسلم، حضرت مخدوم محمد ظهير الدين بن حضرت مخدوم محمد امين ثالث رح، حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جا پندرهان سجّاده نشين هئا. پاڻ خود بہ قرآن مجيد ۽ شريعت شريف تي پابندي سان عمل پيرا رهندا هئا ۽ ٻين کي بہ ان مطابق زندگي گذارڻ جي تلقين ڪندا هئا. سندن سجّادگي وارو عرصو ترقي ۽ خوشحاليءَ جو دور ليکيو وڃي ٿو:

وَحده لاشريڪ لہ، جن اُتو سين ايمانَ،
تن مڃيو محمد صلي الله عليه وآله وسلم ڪارڻي، قلب ساڻ لسانَ،
اوءَ فائق ۾ فرمانَ، اوَتڙ ڪنهن نہ اوليا.

حضرت شاهہ ڀٽائي رحہ

ولادت مبارڪ ۽ تعليم:

حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه 15-جمادي الاول 1280هہ[342] مطابق 28- آڪٽوبر 1863ع[343] تي اربع جي ڀلاري ڏينهن تي هالا ۾ تولد ٿيا. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه جن ڪان بہ سال ننڍا هئا. "ظهير

---

[341] مون طالب المولىٰ لائبرري ۾ موجود، ڳاڙهي رنگ جي جلد سان هڪ قديم قلمي نسخي جي پُشتي تي انگريزيءَ ۾ سندن نالو "Makhdoom Muhammad Zahir_u_Din" لکيل ڏٺو آهي، ان ڪري هتي سندن نالو ائين لکيو اٿم (مصنف)

[342] گنجينۂ اوليا قلمي/ گنجينۂ اسرار سروريہ قلمي/ ڪلياتِ امين ص: 24.

[343] ڪلياتِ امين جي ص: 44 تي ڄاڻايل عيسوي سن درست ناهي.

هئا. مائٽ پيار مان ”پريل الدين“ ۽ ”محمد پريل ڄام“ سنڌن ٻانگ جا نالا هئا. مائٽ پيار مان ”پريل ڄام“ ۽ ”پرو ڄام“ سڏيندا هئا. ۽ مريد خادم ساڻن، ”پرو ڄام سائين“ ۽ ”پريل پير“ جي نالن سان مخاطب ٿيندا هئا. حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جي ”خاندان ۾ ”ظهير الدين“ جي نالي وارا پاڻ پهريان بزرگ هئا، البتہ ”پريل“ سنڌن پڙڏاڏي حضرت مخدوم محمد امين ثانيءَ ﷫ جي نسبت جي ڪري مٿن رکيو ويو هئو.

حضرت مخدوم ظهير الدين سائين ﷫ جن بيحد عبادت گذار، صوم و صلواة جا پابند ۽ باشريعت بزرگ هئا. قرآن شريف جي احڪامن ۽ رسول پاڪ ﷺ جي سنت تي باقاعده پيروي ڪرڻ جي ڪري، ڪين عام طرح سان ”صاحبِ شريعت“ ۽ ”شريعت وارا صاحب“ پڻ سڏيو ويندو هو.

سنڌن تربيت حضرت مخدوم محمد امين پڪن ڏٺيءَ ﷫ جن جي نگرانيءَ هيٺ ٿي. درگاهہ شريف جي مجاوَر آخوند حافظ حاجي محمد قاسم علويءَ کان ديني ۽ دنوي تعليم حاصل ڪيائون. سنڌن ننڍپڻ هالا ۾ گذريو.

شادي ۽ اولاد:

پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون، سنڌن ٻئي شاديون پير ميان قائم الدين عرف ميان ڪامل صدّيقي قريشيءَ ﷫ وٽان ٿيون. پير ميان ڪامل وارا حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير عليه الرحمت جن جي جليل القدر فرزند حضرت مخدوم جلال محمد عرف جنگ جلال رح جن جو اولاد آهن.

حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ جن جي پهرين شادي، سنڌن والد حضرت مخدوم محمد امين ثالث ﷫ جن جي حياتيءَ ۾ سن 1883/1884ع ڌاري ٿي، جنهن مان نياڻيون ۽ 5 فرزند تولد ٿيا. پهرين حرم وارن جو انتقال 1900/1901ع ۾ ٿيو. ٻن سالن بعد ساڳين پيرن مان سن 1903/1904ع ۾ ٻي شادي ڪيائون جنهن مان ڪين هڪڙو فرزند ۽ هڪڙي نياڻي ٿي، جيڪي ننڍي عمر ۾ ٻالن جي ٻن ٻن ڏينهن جا ٿي گذاري ويا. سنڌن ٻئي حرم وارن جو انتقال وڏي عمر ۾ سن 1949ع ۾ ٿيو.[344] حضرت مخدوم ظهير الدين سائين ﷫ جن کي جملي ڇهہ فرزند عطا ٿيا جن مان سيني کان ننڍو فرزند ٻن ڏينهن جي حياتيءَ ۾ گذاري ويو باقي پنجن فرزندن جا اسمائي گرامي هي آهن:

---

[344] گنجينهٔ اسرار سروريہ، ص: 17.

Gul Hayat Institute

حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه
(1886_1944)

حضرت پير ميان عبدالحسين رحمة الله عليه
(1887_1937ع)

حضرت پير ميان عبدالرحيم رحمة الله عليه
(1889_1889ع)

حضرت پير ميان عبدالرحيم عرف الله بچايو عرف مير سائين رحمة الله عليه
(1896_1945ع)

حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر عرف محمد سعيد رحمة الله عليه
(1899_1953ع)

دستاربندي:

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي چوڏهين سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه ڪي اولاد ڪو نہ ٿيو ۽ پاڻ آگسٽ 1913ع ۾ انتقال ڪيائون، ڪانئن پوءِ شريعت وارا صاحب، پندرهين سجّاده نشين جي حيثيت سان مسند خلافت تي ويٺا. سندن دستاربندي 1_ شوال 1331ھ[345] مطابق 3_ سيپٽمبر 1913ع تي ٿي. حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن غير سجادگيءَ وارن ڏينهن ۾ "پراڻي اتاس" ۾ رهندا هئا جنهن کي هينئر "قاضيءَ جي اوطاق" سڏجي ٿو سجّاده نشين ٿيڻ بعد حسب الدستور وڏي بنگلي تي رهڻ لڳا.

حضرت پڪن ڏٽي رحمة الله عليه جن جي زماني کان وٺي پاڻ نهايت خوش اسلوبيءَ سان، ڪارخاني جي ذميداري سنڀاليائون ۽ ماڻهن جي خدمت انجام ڏنائون، سندن دورانديشي ۽ معامله فهمي جي ڪارڻ شهر وارن، مريدن، خادمن، دوستن ۽ تعلقدارن کي وڏو فائدو ٿيو.

ميان ظهير الدين ظهور ڪيو ويٺو مسند مٿي مير
سوحقدار حضرت ابابڪر صدّيق جو وارو ورثي وير

[345] گنجينهٔ اسرار سروريہ، ص: 15.

ڏاڏو جنهن جو شيخ شهاب الدين ڪامل قطب ڪبير
مائٽ مڪمل جنهن جو نرمل نوح فقير
سرور لقب جنهن جو ۽ محمد ﷺ جو وزير
سو امين محمد گهوٽ جو پٽ پاڳارو پير
صحيح صدّيقي سلڇڻو ڪٽي الله ڪيو اڪيسر
سو مرشد آهي مننار جو دست ب دستگير
اهڙو پير امير هلي حضرت هالن ۾ ڏسو
مننار فقير راڄڙ رحمة الله عليه [346]

انتظامي اُمور ۽ ترقياتي ڪوشِشون:

حضرت مخدوم محمد ظهير الدين سائين رحمة الله عليه جن وقت جي نزاڪت ڪي مدِ نظر رکي، گهڻين دور رس اقدام ڪنيا جن جو اثر ديرپا ثابت ٿيو ان سلسلي ۾ پاڻ پهريان پنهنجي ڪارخاني ڏانهن توجهه ڏنائون ۽ آڳاٽيون، پراڻيون ۽ ڪمزور عمارتون مسمار ڪرائي انهيءَ هنڌ نيون جايون تعمير ڪرايائون. جن ۾ حويلي، اٿاس بنگلو رئيس دوست علي خان واري اوطاق وغيره قابل ذڪر آهن. موجوده ڪوٽ به سندن ئي ڏياريل آهي. مهمان خاني، بورچيخاني ۽ ٻين اوطارن وغيره جي سالانه مرمت ڪرائيندا هئا. حضرت پڪن وارن صاحبن جي زماني ۾ ڪارخاني جو مير منشي خانبهادر سيٺ وشنداس هو جنهن ڪارخاني جي ترقي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ان ڪان پوءِ حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار سائين رحمة الله عليه وٽ زوار الله ورايو ۽ ٻيا مير منشي ٿي رهيا، حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه جن حافظ محمد خان پٺاڻ [347] کي مير منشي مقرر ڪيو جنهن پڻ ڪافي وقت خدمت انجام

---

[346] رسالو رهنمائي، ص: 65.

[347] **حافظ محمد خان پٺاڻ (1889-1952ع):**

حافظ محمد خان ولد بلند خان ولد خالق داد خان ولد قاسم خان ٻبوزئي پٺاڻ جي ولادت 24 رمضان المبارڪ 1304هه بمطابق 27- مئي 1889ع تي سندس آبائي ڳوٺ علي بخش پڙانگ ۾ ٿي. سندس وڏا ڪوئيٽا بلوچستان مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا. پاڻ بلند خان جو اڪيلو فرزند هو. بلند خان رينج آفيسر سان گڏوگڏ نهايت پڪو ديندار مسلمان به هو انهيءَ حافظ محمد خان کي صرف اسلامي تعليم ڏياري جنهن ڪري هو

ڏني. ان کان علاوه پاڻ حضرت پکن وارن صاحبن جي رکايل باغ جي جاءِ تي نئون باغ رکيائون، جيڪو سندن حڪم تي سوني فقير چانڊيي[348] وڏي محنت ۽ دلچسپي سان رکيو. پاڻ ان باغ تي هڪڙو ننڍڙو بنگلو بہ ٺهرايائون جيڪو هن وقت بہ موجود آهي.

ننڍي عمر ۾ ئي حافظ القرآن ٿي ويو. حافظ محمد خان جي والده پڻ قرآن شريف جي "ياد حافظ" هئي. انهيءَ بہ کيس قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. حافظ محمد خان ٽي شاديون ڪيون. پهرين ٻن مان کيس ڪو اولاد ڪو نہ ٿيو انهن جي انتقال بعد ٽين شادي ڪيائين جنهن مان کيس پنج فرزند تولد ٿيا. جن جا نالا ۽ ولادت جون تاريخون هن طرح آهن: 1_ بلند خان ولادت سن 1919. 2_ جلال الدين خان ولادت: 13_ جنوري 1921. 3_ خدا بخش خان عرف شهباز دراني ولادت: 31_ ڊسمبر 1937ع. 4_ حاجي علي اڪبر خان ولادت: 7_ آگسٽ 1925. 5_ نبي بخش عرف اسلم خان ولادت: 6_ جولاءِ 1939ع. حافظ محمد خان جي عزازت، حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رح جي سهري اٽل خان سان هئي، جنهن ڪري اڪثر حضرت مخدوم صاحب جن وٽ ايندو رهندو هو. انهن ڏينهن ۾ حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه جن وٽ قاضي محمد شاهہ ڪيبرن وارو ملازم هو ان جي معرفت حافظ محمد خان کي پاڻ وٽ ملازم رکيائون. جيڪو بعد ۾ مير منشي بہ ٿي رهيو. حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه جي وصال بعد حافظ محمد خان، گل سائين رح جن وٽ رهيو ۽ خدمات انجام ڏنائين. انهيءَ زماني ۾ پير جهنڊي جي پير راشد شاهہ جي وفات جي سبب پير ضياءَ شاهہ راشدي ۽ احسان شاهہ درميان پڳ جو تڪرار ٿي پيو. پير احسان شاهہ راشديءَ ڪورٽن جي ڪم ڪار وغيره جي سلسلي ۾ حضرت مخدوم غلام محمد گل سائين رحمة الله عليه کان حافظ محمد خان جي ٻانهن طلب ڪئي. پاڻ اجازت ڏنائون، ان کان پوءِ حافظ محمد خان، پير احسان شاهہ جي وفات تائين ڳوٺ پير جهنڊي ۾ رهيو ۽ اُتي رهڻ دوران قرآن شريف ۽ حديث جو وڌيڪ علم حاصل ڪيائين. بعد ۾ آبپاشي کاتي ۾ ملازم ٿيو ۽ رٽائرمينٽ کان اڳ ئي اها نوڪري ڇڏي باقي سموري حياتي الله پاڪ جي عبادت ۽ قرآن و حديث جي مطالعي ۾ گذاريائين. حافظ محمد خان، ننڍپڻ کان وٺي باقاعدگي سان نماز پڙهندڙ هو تاحياتي تهجد قضا نہ ڪيائين، ريل گاڏيءَ جي سفر دوران بہ عبادت ڪندو هو ۽ سدائين نماز جي تبليغ ڪندو هو ۽ رات وچ ۾ قرآن شريف جو دور مڪمل ڪندو هو. حافظ محمد خان شاعري بہ ڪندو هو سندس شاعري گهڻو ڪري فقط حضور ڪريم ﷺ جن جي شان ۾ هوندي هئي. 1955ع واري ٻوڏ ۾ سندس سمورو ڪتابي ذخيرو دريا جي حوالي ٿي ويو. حافظ صاحب جو انتقال 25_ اپريل 1952ع تي آچر ڏينهن ٿيو.

348 سونو فقير ولد مينهون خان چانڊيو 1858ع ۾ ڳوٺ ڏيري تعلقہ هالا ۾ ڄائو ۽ 95 سالن جي عمر ۾ ڊسمبر 1953ع ۾ انتقال ڪيائين.

Gul Hayat Institute

”هي مخدوم صاحب نهايت سنو منتظم ثابت ٿيو سوين ايڪڙن ۾ باغ رکايائين هالن جي ساري بازار ۾ دڪان ٺهرايائين. ڪفايت شعاريءَ سان چڱو پيسو گڏ ڪيائين. ان جي معنيٰ اها نہ سمجهڻ کپي تہ هو بُخل طرف مائل هو بلڪ وڏو سخي ٿي گذريو آهي، سوين بيواهن، يتيمن، مسڪينن جا ماهيا نہ بڌي ڇڏيائين، جن کي بنا ڪنهن بہ ٻئي ماڻهوءَ جي ڄاڻ جي گهر ويٺي اهي پيسا ملندا هئا. حڪومت ۾ ڪامورن سان سُٺا تعلق هوندا هئس. سڀ ڪيس ملڻ ويندا هئا پاڻ ڪنهن وٽ نہ ويندو هو. گاديءَ جو اهو شان رکيائين جهڙو ڪنهن سجّاده نشين چڱو رکيو هوندو“.[349]

پاڻ هالا شهر ۾ ان جي رهواسين جي مسئلن کان هر وقت واقف هوندا هئا. هالا شهر وارن سان سندن دلچسپي جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جو پاڻ شهر جي هر پاڙي ۾ قوم مان ٻئي معزز ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا هئائون، جيڪي روز وٽن ايندا هئا ۽ شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ جي مسئلن ۽ ماڻهن جي پريشانين کان کين آگاهہ ڪندا هئا، پاڻ انهن کان حال احوال پڇي ۽ سندن مسائل کي حل ڪندا هئا.

پاڙيسرين سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ:

پاڙي وارن سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ، مخالفن سان درگذر ڪرڻ ۽ مصيبت ۾ قاتلن جي مدد ڪرڻ سندن شخصيت جا قابل تقليد پهلو هئا. اهڙي ئي هڪڙي واقعي جو ذڪر محترم جي ايم سيد هيئن ڪيو آهي:

”قاضي محمد ڪامل مغل سڏائيندو هو پر قاضين سان رشتيداري جي ڪري قاضي سڏائڻ لڳو هو. سندن نياڻي قاضي محمد اشرف ولد قاضي احمد سان پرڻيل هئي، پاڻ خود اهلِ تشيع هو. ڪانئس علاوه ٻيا سيئي قاضي اهلِ سنت هئا. قاضي محمد ڪامل، مخدومن جي مخالفن مان هو ۽ هالن جي پٺو خاندان سان سندس پڪي دوستي هوندي هئي جو ٻئي اهلِ تشيع هئا. قاضي ڪامل اڪثر مخدومن جي شڪايت ڪندو رهندو هو. مخدوم محمد زمان الله کي پيارو ٿي ويو ۽ مخدوم ظهير الدين عرف پرو ڄام مسند نشين ٿيو. قاضي محمد ڪامل انهيءَ زماني جو هڪڙو تصو ٻڌائيندو هو تہ

[349] جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 96.

"آئون هڪ پيري اهڙي مصيبت ۾ ڦاٿل هئس جيڪا مخدوم صاحب جي مدد سان ٽري ٿي سگهي ۽ ٻي صورت ۾ انهيءَ مصيبت ۾ اضافي جو امڪان هو صورتحال اها هئي جو مخدوم خاندان جي مخالفت سبب سندن آڏو دستِ سوال ڊگهيرڻ عيب لڳندو هو پر مجبوراً مخدوم ظهير الدين کي استدعا ڪرڻي پئي. مخدوم صاحب بنا پڇڻ ڪرڻ جي منهنجي مدد ڪئي ۽ مشڪل مان ڪڍيو ۽ مون کي منهنجي ڪرتوتن مان هڪ حرف به ياد نه ڏيارئين. سندس انهيءَ رويي جي ڪري آئون ڏاڍو نادم ٿيس ۽ عرض ڪيم: حضورا مون اوهان سان ڏاڍيون زيادتيون ڪيون آهن، پر اوهان سڀ نظر انداز ڪري منهنجي مدد ڪرڻ ۾ تامل نه فرمايو! انهيءَ تي مخدوم صاحب جواب ڏنو "ابا (پٽ) جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو برائي ٿو ڪري ۽ ٻيو ان جو معاوضو گهري ته ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق وڃي رهندو. تنهنجي مدد مون پنهنجو اخلاقي فرض سمجهي ڪئي آهي، جنهن جو تعلق تنهنجي اعمال ۽ ڪردار سان ڪونهي، منهنجي اعمال سان آهي، جو مون نيڪ ڪم ڪرڻ کي پنهنجو نصب العين بڻايو آهي." قاضي محمد ڪامل چوندو هو ته "مخدوم صاحب جي ڳالهين مون کي سندس گرويده ڪري ڇڏيو."[350]

مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جي مدد:

حضرت امامِ انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه (1872_1944ع) حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه کان عمر ۾ ننڍو هو ليڪن پاڻ سندس تمام گهڻو قدر ۽ وڏي عزت ڪندا هئا. ايتري قدر جو پنهنجي وڏي فرزند حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه جن جي تعليم لاءِ به مولانا صاحب جو انتخاب فرمايائون.[351]

---

[350] جي ايم سيد ميری کهانی ميری زبانی. ص: 99 (ترجمو).

[351] 1943ع يا 1944ع ڌاري، عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب سائين رح جن جي ملاقات، ٽنڊي آدم ريلوي اسٽيشن تي مولانا صاحب رحمة الله عليه جن سان ٿي هئي. پاڻ سندن والد بزرگوار حضرت مخدوم غلام محمد گل سائين رحمة الله عليه جن جي سنت پوري ڪرڻ لاءِ حضرت مولانا صاحب رح کي چيائون ته اسان کي به سبق پڙهايو ۽ پنهنجو شاگرد ڪريو. حضرت مولانا صاحب رحمة الله عليه کين "الحمد شريف" پڙهائي. اهڙي طرح حضرت مولانا صاحب سندن به استاد ٿيو. هيءُ يادگار واقعو عاليجناب حضرت

Gul Hayat Institute

سن 1914ع ۾ مولانا صاحب ڪابل وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هو مدرسه دارالارشاد پهتو ۽ جتي مولوي عبدالله لغاري کي به تياري ڪرڻ لاءِ چيائين.[352] هڪ سال جي ضروري تياريءَ ڪرڻ بعد مولانا سنڌي ﷫ ۽ سندس ساٿي، حضرت شيخ الهند ﷫ جي حڪم موجب آگسٽ 1915ع ڌاري ڪابل روانا ٿي ويا.[353] انگريزن جو دور هو ۽ سخت چوڪسي هئي. ڪابل روانگي وقت مولوي عبدالله لغاري (ولادت: 1871ع) جي هٿان هالا جي مخدومن صاحبن مولانا سنڌيءَ کي مدد طور هڪ هزار روپيا موڪليا هئا، جڏهن ته مولانا سنڌي هر طرف کان مايوس ٿي چڪو هو.[354]

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي ﷫ جي ڪابل روانگي واري سن مان ثابت ٿيو ته ان وقت حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ جن حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جن جا گادي نشين هئا ۽ انهن ئي امام انقلاب حضرت مولانا سنڌي ﷫ جي مدد ڪئي هئي.

پٽنا ۾ ڪپڙن جي نمائش:

1921ع ۾ هندستان جي شهر پٽنا ۾ ڪپڙي جي "آل انڊيا نمائش" لڳي هئي، جنهن ۾ حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ جن هالا جو خاص ڪپڙو "موتيو" موڪليو ان ڪپڙي کي بهترين هئڻ جي اعتراف ۾ سون جو تمغو مليو جنهن جي ٻنهي پاسن تي مندرجه ذيل الفاظ درج آهن:[355]

All India Hand Weaving Exibition
Patna 1921
Presented By
Mahraja Bahdaur of Durmon for
Best Motia Cloth

Gul Hayat Institute

مخدوم طالب المولىٰ سائين جن تفصيل سان مون کي ٻڌايو هو.

[352] ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سوانح نمبر، مهراڻ، ص: 274.

[353] مولوي عبدالله لغاري، سوانح نمبر، مهراڻ، ص: 274/ علي نواز وفائي مهراڻ سوانح نمبر، ص: 268/267.

[354] الهه ورايو ڀٽ، سانگهڙ سوونيئر 1984ع، ص: 65.

[355] مذڪوره تمغو هن وقت راقم الحروف وٽ موجود آهي.

علم پروري:

صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين ﷺ پاڻ خود بہ عالم هئا ۽ بين کي بہ هميشہ علم حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا هئا. "پنهنجي فرزندن ۽ عزيزن کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيائون. اسلامي تعليم جي واڌاري لاءِ هالا ۾ ديني مدرسو قائم ڪيائون جنهن مان هزارين شاگردن ديني تعليم حاصل ڪئي"[356] وٽن روزانو شام جي وقت علمي ۽ ادبي رهاڻ ٿيندي هئي، پاڻ مولانا روم رح جي مثنوي بيحد پسند ڪندا هئا ۽ عموماً قاضي مولوي شفيع محمد کان اها مثنوي ٻڌندا بہ هئا. سندن حلقہءِ احباب ۾ عالم، فاضل، مفتي ۽ بزرگانِ دين شامل هوندا هئا.

سيد مٺن شاہ بن سيد حيدر شاہ اجناٽي (وصال: 16_ اپريل 1956ع مطابق 5 رمضان 1375هہ)[357]، مفتي شفيع محمد علوي، آخوند حافظ علي محمد علوي، آخوند ولي محمد[358] مولوي شاہ محمد ۽ ڪمال فقير نوشهرائي[359] سندن خاص مقرب هئا. قاضي علي اڪبر شاہ ڪيبرائي ۽ حافظ القرآن حافظ محمد خان پناڻ وٽن مير منشي ۽ خليفو ميو فقير[360]

---

[356] پروفيسر محبوب علي چنا. ڪلياتِ امين. ص: 25/24.

[357] نسب نامہ ساداتان متعلوي، مٺن شاہ.

[358] **آخوند حافظ ولي محمد** (1867_1934ع):

سندس ولادت 17_ جمادي الثاني 1284هہ/16 آڪٽوبر 1867ع تي اربع جي ڏينهن هالا ۾ ٿي. پنهنجي والد آخوند حافظ محمد قاسم، مجاور درگاہ شريف حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمت الله عليه کان قرآن شريف جي تعليم ورتائين. نهايت عبادت گذار ۽ نيڪ شخص هو. سندس شادي حافظ عبدالغني جي نياڻيءَ سان ٿي، ڪيس بہ فرزند آخوند محمد قاسم عرف آخوند داون (ولادت: 12_ اپريل 1910ع_ وصال: 10_ جولاءِ 1973ع) ۽ آخوند حافظ حاجي مولوي رب ڏنو (ولادت: 8_ آگسٽ 1912_ وصال: 9_ جون 1991ع) تولد ٿيا. ٻئي صاحب عالم فاضل، عربي ۽ فارسي جا ڄاڻو خوش خصال ۽ عبادت گذار ٿي گذريا آهن. آخوند حافظ ولي محمد. قرآن پاڪ جو حافظ ڪپڙي ۽ سون جو پارکو ۽ بهترين درزي هو. آخوند حافظ ولي محمد، صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين ﷺ جي حاضري جو خاص رُڪن ۽ حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين جن جو استاد بہ هو. سندس انتقال 30_ محرم 1353هہ/15_ مئي 1934ع تي هالا ۾ ٿيو.

[359] ڏسو ضميمو 18.

[360] **خليفو ميو فقير** (1838_1938ع):

خليفو ميو فقير شيدي 1254ھ/1838ع ۾ ڄائو. پهرين حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه جي خدمت ۾ رهيو پاڻ جڏهن راهوند ۾ رهندا هئا ته ميو فقير به ساڻن گڏ هوندو هو خاص ۽ عام جي ملاقات ۽ حاضري ڪرائڻ جي ذميداري سندس هئي. حضرت پکن وارن صاحبن کان پوءِ حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه ۽ حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جي حاضريءَ ۾ رهيو. حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جو مٿس بيحد راز ۽ اعتماد هو پاڻ جڏهن گوڏن جي تڪليف ڪارڻ هڪڙي هنڌ ويهي رهيا هئا ته فقط ٻه يا ٽي خاص ملازم پاڻ وٽ رکيائون جن مان هڪڙو خليفو ميو فقير هو. خليفو ميو فقير نيڪدل انسان هو مٿس پکن وارن صاحبن جي خدمت ۽ صحبت جو ايڏو اثر ٿيو جو آخر پاڻ به فقيري اختياري ڪيائين، وٽس پري پري جا ماڻهو دعا ۽ ڌاڳي ڦيڻي لاءِ ايندا هئا ۽ اڄ به ڪئين ماڻهو سندس مزار تي ايندا آهن. خليفو ميو فقير قد جو ڊگهو ۽ بت ۾ ڀريل پهلوان مڙس هو هڪڙي شادي ڪيائين جنهن مان کيس نياڻيون تولد ٿيون. سو ورهين جي ڄمار ۾ سن 1354ھ/1938ع ۾ انتقال ڪيائين کيس درگاهه شريف جي احاطي ۾، خدمت گذارن واري مقام ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

[361] **حاجي احمد ڪنهاڙ (1878_1956ع):**
حاجي احمد ولد حاجي محمد صدّيق ميمڻ ، 5 رمضان المبارڪ 1295ھ/4 سيپٽمبر 1878ع تي ڄائو. انتهائي عبادت گذار صوم و صلواة جو پابند، ساده مزاج ۽ نيڪدل شخص هو درگاهن تي حاضري ڏيڻ ۽ غريب مسافرن جي پرگهور لهڻ سندس خاص مشغلو هو. طبيعت ميڻ وانگر نرم هوندي هيس ۽ طاقت ۾ پڙ هوندو هو جنهن جو اندازو هن مان هڻي سگهجي ٿو ته جڏهن حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه جن درگاهه شريف جو ورانڊو تعمير پئي ڪرايو ته ان لاءِ حاجي احمد کي منتظم مقرر ڪيائون، ورانڊي جي ڇت لاءِ وڏا بار گير لوهي گارڊر گهرايا ويا هئا جن کي ڪٺي ڇت تي رکڻو هو. صورتحال هيئن بيٺي ته گارڊرن کي کڻڻ لاءِ هڪڙي طرف مزدورن جي پوري ٽيم هوندي هئي ۽ ٻئي پاسي حاجي احمد اڪيلو هوندو هو ۽ گارڊرن کي ڪٺي ڇت تي رکندا هئا. حاجي احمد ميمڻ جو پنهنجي مرشد حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي خاندان سان تمام گهاٽو رشتو ۽ گهرو لڳاءُ هو پهرين پاڻ حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن وٽ رهيو بعد ۾ حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر سائين رح وٽ سندن اهم ترين ماڻهو ٿي خدمتون ڪيائين، ميمڻن جي راڄ لاءِ خليفو ٿي ڪم ڪيائين. حاجي احمد ٻه شاديون ڪيون، پهرين حاجي علي محمد ۽ حاجي محمد يعقوب جي شراڪت سان ڪيائين جنهن مان 9 فرزند ٿيس مگر 9 ئي سندس حياتي ۾ گذاري ويا جنهن ڪري پاڻ ملول رهندو هو سندس اهليه به جلد گذاري وئي جنهن کان پوءِ ٻي شادي آخوند محمد زڪريا جي نياڻيءَ سان ڪيائين جنهن مان چار فرزند: شهيد حاجي الله بچايو حاجي محمد يعقوب، حاجي قمر الدين ميمڻ ۽ حاجي شمس الدين عرف شمني تولد ٿيا. سندس وڏو فرزند حاجي الله بچايو 19_ نومبر 1929ع تي ڄائو

جهڙا الله وارا، نيڪ انسان سندن حاضريءَ جا ماڻهو هئا.

سندن علم دوستي ۽ علم پروري جو هيءُ مثال اهي پراڻا قلمي ڪتاب آهن جيڪي حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جن جي زماني کان وٺي حضرت مخدوم محمد امين ثالث عرف پڪن ڌڻي ﵀ جي دور تائين مختلف اوقات ۾ قلمبند ٿيندا رهيا ۽ انتهائي مخدوش ۽ ضعيف حالت ۾ هئا. انهن قلمي نسخن ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جي آبا و اجداد، حسب نسب ۽ اولاد جو تفصيلي ذڪر ۽ سندن ملفوظات شامل هئا.

تعليم حاصل ڪري سرڪاري نوڪري ۾ داخل ٿيو ۽ ترقي ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر جي عهدي تي پهتو. نهايت مذهبي ۽ عبادت گذار انسان هو. کيس حيدرآباد ۾ ڊيوٽيءَ دوران دهشتگردن 4- آڪٽوبر 1983ع تي صبح 11 بجي شهيد ڪري ڇڏيو. حاجي احمد ميمڻ جو انتقال 21- ذوالحج 1375هه بمطابق 30- جولاءِ 1956ع تي ٿيو.

362 **آخوند حافظ حاجي علي محمد (1865-1931ع):**

آخوند حافظ محمد قاسم جو وڏو فرزند هو. سندس ولادت: 1- رمضان المبارڪ 1281هه/28- جنوري 1865ع تي بروز ڇنڇر هالن ۾ ٿي. هڪڙي شادي حافظ حاجي عبدالغني بن حافظ ٻاجهوءَ جي نياڻيءَ سان ڪيائين. کيس ٻه فرزند ٿيا. سندس وڏو پٽ حافظ حاجي عبدالفتاح 1- اپريل 1893ع تي ڄائو ۽ 21- جولاءِ 1963ع تي گذاري ويو. آخوند مولوي عبدالعزيز سندس ننڍو فرزند هو جنهن جي ولادت 23- مئي 1865ع تي ۽ وصال 1- جنوري 1968ع تي ٿيو. آخوند حاجي علي محمد، حافظ القرآن ۽ عالم فاضل شخص هو. حضرت مخدوم ظهير الدين ﵀ جي حڪم تي، خاندان سروري ۽ جماعت سروري ۽ سروري تعلقدارن جي احوال تي مبني "گنجنهٔ اسرار سروريه" مرتب ڪيائين. سندس انتقال 3- محرم 1350هه/29- مئي 1931ع بروز جمع هالا ۾ ٿيو. سندس والد آخوند حافظ محمد قاسم، حضرت مخدوم محمد امين ثالث ﵀ ۽ سندن فرزندن جو استاد هو.

363 **جهنڊو فقير مگڻهار (1882-1982ع):**

عبدالرحمان عرف جهنڊو فقير 1882ع ۾ ڄائو. پاڻ چوندو هو ته سرٽيفڪيٽن ۾ لکيل سندس تاريخ ولادت (7، جولاءِ 1903ع) صحيح ناهي. جهنڊي فقير فائنل تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ نهايت قابل شاگرد هو. ٽنڊي آدم مان ٻه شاديون ڪيائين. کيس ست پٽ ٿيا جن جا نالا هي آهن: 1- محمد سليمان 2- محمد ابراهيم 3- حسن علي 4- شوڪت علي 5- مشتاق علي 6- سجّاد حسين 7- عابد حسين. هن وقت سندس ٻئي گهر مان وڏو فرزند محمد ابراهيم ٽيليفون کاتي ۾ ملازم آهي. سندس ولادت 2- نومبر 1959ع تي هالا ۾ ٿي. جهنڊو فقير، حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رح، حضرت مخدوم ظهير الدين رح ۽ حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر ﵀ وٽ حاضري ۾ رهيو.

Gul Hayat Institute

حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن انهن ڪتابن جي اهميت ۽ افاديت کان بخوبي واقف هئا، پاڻ نہ صرف سمورن قلمي نسخن جي حالت درست ڪرائي انهن کي محفوظ ڪرايائون بلڪ خاندان جي تاريخ ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جي سوانح ۽ ارشادات تي مشتمل نوان ڪتاب پڻ لکرايائون جن ۾ گنجينۂ اولياءِ ۽ سراج العارفين قابل ذڪر آهن. سندن ئي تحرڪ تي حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه، قديم ڪتابن "رسالي فتحي" ۽ "دليل الذاڪرين" جو مطالعو ڪري، انهن مان مستند حوالا وٺي "سفينة النوح" جهڙو ناياب ڪتاب لکيو. "سفينة النوح" اصل فارسيءَ ۾ لکيو ويو هو جنهن کي بعد ۾ حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه، جن پهرين مولانا دين محمد وفائي کان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايو. جيئن تہ ان ۾ ترادي ٻوليءَ جي گهڻي استعمال سبب ڪجھ مضمونن جي معنيٰ منجهوتي وئي انهيءَ ڪري، پاڻ "سفينة النوح" جو ٻيو ترجمو هالا جي مفتي سعد الله انصاري کان تيار ڪرايائون، جنهن جو نالو "سڪينة الروح في تذڪره حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه" رکيو ويو.

وصال:

صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين رح جن جو انتقال 6۔ رجب المرجب 1345ھ[364] مطابق 11۔ جنوري 1927ع تي اڱاري جي ڏينهن تي هالا ۾ ٿيو سندن عمر ٽيهٺ سال هئي، ڪين ساڳئي ڏينهن درگاھ شريف ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رحمة الله عليه جي قبي واري چوڪنديءَ ۾ اُيرندي پاسي دفن ڪيو ويو. مرحوم اسحاق هالائي، سندن وصال جي تاريخ ۽ احوال پنهنجي ڪلامن ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

(1)

سخي پير سرور پرو ڄام پيارو
غريبن، يتيمن، جڏن جو جيارو

---

[364] گنجينۂ اسرار سروريہ قلمي.
نوٽ: جنب گذاريم جن سين جلد 1 ۾ سندن وصال جي اسلامي تاريخ ۽ ڪلياتِ امين ص: 25 تي عيسوي تاريخ غلط آهي.